SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1979
# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1979
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1979

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Act VII of 1870

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

4. 1964 جي اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Finance Act XXXIV of 1964

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1979
# SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1979
# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1979
# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1979

[28 جون 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي حڪومت ۾ لوڪل باڊيز جي وچ ۾ بيٽرمينٽ ٽيڪس جي ورڇ ڪرڻ ۾ ٽيڪس معافي جي منظوري ڏني ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ حڪومت ۾ لوڪل باڊيز جي وچ ۾ بيٽرمينٽ ٽيڪس جي ورڇ ڪئي ويندي ۾ ٽيڪس معافي جي منظوري ڏيڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور پهرين جولاءِ 1979 کان لاڳو ٿيندو.

1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Act VII of 1870

2. ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ٻئي شيڊول ۾، آرٽيڪل 20 کي ختم ڪيو ويندو.

3. سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾:

(a) دفعه A-3 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪاما سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان (Proviso) وڌايو ويندو:

"بشرطيڪ بيٽرمينٽ ٽيڪس پهرين جولاءِ 1978 کان ورهائي ويندي".

(b) دفعه 4 ۾:

(i) شق (c) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظن "ٻه سئو پنجاهه رپيا" کي لفظن "پنج سئو رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) شق (g) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(g) عمارتون ۽ زمينون جن جي ساليانى قيمت ٽي هزار ۽ پنج سئو رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪا ڪنهن بيواهه، نابالغ يتيم يا مستقل طور تي معذور ماڻهن جي هجي".

4. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾، ستين شيڊول ۾، جريان نمبر 2 کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

1964 جي اولهه پاڪستان فنانس ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Finance Act XXXIV of 1964